# ماڊل پيپر فقط 2022 لاءِ

## بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن ڪراچي

سيڪنڊري اسڪول سرٽيفڪيٽ امتحان 2022ع

**سنڌي سليس(لازمي)**

ڪلاس ڏهون - ( سائنس گروپ)

وقت: ٽي ڪلاڪ　　　　**ڪل مارڪون:** 75

**حصو "الف" (گهڻ چونڊائتا سوال) 40%**

**مارڪون 30**

نوٽ: هن حصي ۾ 30 MCQs ڏنا ويندا. هر هڪ سوال هڪ مارڪ جو آهي.

MCQs تمام سبقن ۽ نظمن مان ڏنا ويندا.

**حصو "ب" (مختصر جواب جا سوال) 40%　　　　مارڪون 30**

.2 ڪن بہ پنجن سوالن جا جواب لکو:- 10

(i) ڪينجهر لڳڻ اصطلاح جي معنيٰ ڇا آهي؟

(ii) عربن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جا ڪهڙا اهڃاڻ ملن ٿا؟

(iii) سليم ۽ ارشد ڊاڙيلن جو خاتمو ڪيئن آندو؟

(iv) پاڻ سڳورن ﷺ اسلامي برادريءَ بابت ڪهڙو ارشاد فرمايو؟

(v) اجرڪ جا ڪهڙا چار رنگ ٿيندا آهن؟

(vi) خط لکڻ جي شروعات ڇا سان ڪئي ويندي آهي؟

(vii) حضرت سلمان فارسيؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟

(viii) شاعر هاريءَ کي ڪهڙي دعا ٿو ڪري؟

.3 هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن بہ ڇئن لفظن جا جملا ناهيو:- 4

پسارا ، هاڪ ، تڪرار ، نيڪنامي ، بهبود ، مستحق ، پچاڙي ، جدوجهد

.4 (الف) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن بہ ڇئن لفظن جا ضد لکو:- 4

حرام ، رهبر ، خادم ، سخي ، خراب ، شهر ، عوام ، آباد

(ب) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن بہ ٽن لفظن جا واحد يا جمع لکو:- 3

دعا ، هٽ ، ڪرسي ، ڪمرا ، قوم ، پکو

(ج) هيٺ ڏنل لفظن مان ڪن بہ ٽن لفظن جامذڪر يا مونث لکو:- 3

عورت ، ڊاڪٽر ، ڏاند ، چاچي ، جهرڪ ، شهزادو

(د) هينين مان ڪن بہ ٻن جي مثال ڏيئي وصف لکو:- 4

ظرف ، صفت ، حرف ندا

(هلندڙ)

